ايم.ايڇ.پنهور

# دنيا جو قديم ترين ۽ وسيع ترين قلعو: راڻي ڪوٽ

## (ان جو بنياد اهڙي غير معمولي جاءِ تي ڇو رکيو ويو؟)

راڻي ڪوٽ تي پهريون پيرو هڪ تفصيلي مضمون ڪرنل رشيد لکيو، جيڪو "اقبال رويو" جي فيبروري 1965ع واري پرچي ۾ ڇپيو هو. جنوري 1965ع ۾ ڪرنل رشيد جڏهن راڻي ڪوٽ ڏسڻ هليو، تڏهن آءٌ، جناب حسام الدين راشدي، جناب محمد ابراهيم جويو ۽ جناب غلام رباني ساڻس گڏ هئاسون. ٻن ڏينهن تائين اسين سيٺي سَنَ ۾ جناب جي.ايم سيد جا مهمان ٿي رهياسون. اُتان رواني ٿيڻ کان هڪ رات اڳ سيد صاحب، سَنَ مان ڇهه اُٺ ۽ ڪي ماڻهو اڳواٽ راڻي ڪوٽ ڏانهن روانا ڪيا ته جيئن صبح جو قلعي جي وڏي ۽ اوير واري دروازي (سن دروازي) وٽ اسان جو آڌر ڀاءُ ڪن. اسان سيٺي هڪ وين ۾ روانا ٿياسون ۽ صبح جي ٽڏي وقت اسان وڏي قلعي جا ڪي حصا ۽ ان ۾ ٺهيل "ميري" ۽ "شيرڳڙهه" جا ننڍا ڪوٽ پڻ ڏٺا. قلعي جا ٻيا ٽي دروازا اسين نه ڏسي سگهياسون. انهيءَ قلعي جي باري ۾ ڪرنل رشيد کي آمريڪي يو - ايس - ايڊ جي هڪ علمدار وليم. ايبي کي ڳالهيون ٻڌايون هيون ۽ ڪيترا فوٽا پڻ ڏنا هئا. ڪجهه عرصو اڳ هن پاڻ اهو قلعو ڏٺو هو ۽ هو ان جا فوٽو به ڪيڏي ويو هو. پر ڪرنل رشيد جي مضمون ۾ ڏنل معلومات جو وڏو حصو ڪيس جناب جي. ايم. سيد کان مليو هو. جيڪو ڪيترن ئي سالن کان ان قلعي ۾ ويندو رهندو هو ۽ جنهن اتي پنهنجي مختصر رهائش جي لاءِ ميري ڪوٽ ۾ ٻن ٽن لانڍين جي مرامت پڻ ڪرائي هئي. ڪرنل رشيد پنهنجي مضمون ۾ قلعي ۽ ان جي دروازن جا جيڪي نالا ڏنا آهن، اهي به ڪيس جي. ايم سيد ٻڌايا هئا، جنهن جو خيال هو ته اهو قلعو باختري (بيڪٽرين؟) يونانين، سٿين، پارٿين يا وري ساسانين جو ٺهرايل آهي. جناب جي، ايم سيد، سنڌ جي مختلف حڪمرانن جي حڪومت جا عرصا پڻ ٻڌايا، جنهن ۾ ٿوري ترميم ڪري، ڪرنل رشيد پنهنجي مضمون ۾ آندي آهي، جيڪا صحيح ڪانهي. انهيءَ مضمون ۾ جيڪي تصويرون ڏنل آهن، انهن مان گهٽيون ايبي جون ورتل هيون، ڇاڪاڻ ته ڪرنل رشيد نه ٻيا دروازا ڏٺا هئا ۽ نه چوطرف ويو هو.

هن مضمون ۾ ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته ڪرنل رشيد پنهنجي مضمون ۾ جيڪي غلطيون ڪيون آهن، تن کي درست ڪيو وڃي ۽ ساڳئي وقت هن غير معمولي ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي قلعي جي ٺاهڻ جي ضرورت ۽ ان جاءِ جو تاريخي ۽ سائنسي تجزيو ڪيو وڃي، جتي اهو ٺهيل آهي.

1. ڪيرٿر جبل جي چار هزار کان پنج هزار فوٽ اوچائي، ايٽڪن پنهنجي گزيٽئر ۾ بيان ڪئي آهي، ان اوچائيءَ تي ڪرنل رشيد کي شڪ آهي. دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اترئين پاسي ڏاڙهياري ۽ ڪتي جي قبر وٽ ڪيرٿر جبل جي اوچائي ست هزار کن فوٽ آهي. پر راڻي ڪوٽ جي ويجهو ان جي ٽڪرين جي اوچائي برابر ٻه هزار فوٽ آهي.

2. جنهن هنڌ تي قلعو ٺهيل آهي، ان جو ڏس ڪرنل رشيد بلڪل صحيح ڏنو آهي. قلعي جو گهيرو جي. ايم. سيد جي چوڻ مطابق 18 ميل ۽ ڪرنل رشيد جي ڪٿ موجب 16 - 17 ميل. حقيقت ۾ 14 ۽ 15 ميلن جي وچ ۾ ٿيندو. هن بندي اِها ماپ هوائي جهاز مان نڪتل فوٽن مان ورتي آهي. اصل ۾ اڄ کان ڏيڍ سؤ ورهيه



GHAZI SHAH
GORANDI
DHAL
NAI
BAMRI
SANN
SANN RIVER
MALIRI LANDI
SHERGARH FORT
MIRI FORT
BAMRI GATE
MOHAN GATE
SHAH PIR GATE
SANN GATE
POKRAN LANDI
ARCHAI
KOHIRAS BUTHI
KHAJUR
SHAHJO
THANO ARAB
GOTH ALLAHNO
AHMED SHAH
OTHMANJO BUTHI
BACHANI
DARWAT PASS
JHANGRI
THANO AHMAD KHAN
DAU
THANO BULA KHAN
SARI SING
35-O 9
35-O 10
35-O 11
35-O 13
35-O 14
35-O 15